SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريہ 1981
# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 1981
# سنڌ سول ڪورٽس (ٻئين ترميم) آرڊيننس، 1981
# THE SIND CIVIL COURTS (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. مغربي پاڪستان آرڊيننس II مجريہ 1962 جي دفعہ 7 ۾ ترميم

Amendment of Section 7 of West Pakistan Ordinance II of 1962

3. مغربي پاڪستان آرڊيننس II مجريہ 1962 جي دفعہ18 ۾ ترميم

Amendment of Section 18 of West Pakistan Ordinance II of 1962

4. سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريہ 1981 جي دفعہ جو خاتمو

Omission of Section 4 of Sindh Ordinance VI Of 1981

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريه 1981
# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 1981
# سنڌ سول ڪورٽس (ٻئين ترميم) آرڊيننس، 1981
# THE SIND CIVIL COURTS (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

[9 آگسٽ1981]

آرڊيننس، جنهن سان سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾ ترميم ۽ سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس 1981 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

هن آرڊيننس جي ذريعي سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۽ سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس 1981 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن ڪي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977 جي اعلان ۽ وقتي آئين 1981 جي حڪم جي تعميل ۾ گورنر سنڌ خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي ٺاهي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سول ڪورٽس (ٻئين ترميم) آرڊيننس، 1981 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

مغربي پاڪستان آرڊيننس II مجريه 1962 جي دفعه 7 ۾ ترميم
Amendment of section 7 of West

2. سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 جنهن کي هن کانپوءِ به آرڊيننس سڏيو ويندو، هن جي دفعه 7 ۾ فل اسٽاپ جي جاءِ تي ڪولن ڏنو ويندو ۽ هيٺين پرووِيزو جو اضافو ڪيو ويندو.

"سنڌ سول ڪورٽس ترميم آرڊيننس 1981 جي لاڳو ٿيڻ

Pakistan Ordinance II of 1962

کان اڳ ڪراچي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ۾ ٻڌڻيءَ هيٺ سمورا اصل ڪيس ۽ ڪارروائيون جنهن جو ملهه هڪ لک کان ٽپي وڃي، ان کي هاءِ ڪورٽ پاران اڪلايو ويندو. سواءِ انهن ڪيسن ۽ ڪارروائين جي جيڪو ڄاڻايل مٿي ترميم جي لاڳو ٿيڻ کاپوءِ ڊسٽرڪٽ جج ڪراچي جي عدالت ۾ پيش ڪيا ويا جيڪو پهريان ئي هن ڪورٽ پاران طئي ڪيو ويو آهي. "

مغربي پاڪستان آرڊيننس II مجريه 1962 جي دفعہ18 ۾ ترميم

Amendment of section 18 of West Pakistan Ordinance II of 1962

3. هن آرڊيننس جي دفعو 18 جي ذيل دفعہ (1) جي شق (a) ۾ ”25 هزار روپيہ“ جي جاءِ تي ”50 هزار روپيہ“ کي متبادل بڻايو ويندو.

سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريہ 1981 جي دفعہ کي ختم ڪيو ويندو

Omission of section 4 of Sindh Ordinance VI Of 1981

4. سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس، 1981 جي دفعہ 4 کي ختم ڪيو ويندو.

**نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**